SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1994

# SINDH ACT NO.V OF 1994

# سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993

# THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1993

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي ۽ ان جي تشڪيل
Authority and its incorporation

4. اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Authority

5. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ان جو ذميداريون
Appointment and duties of the Director General

6. عملدار ۽ اٿارٽي جو ٻيو اسٽاف
Officers and other staff of the Authority

7. اٿارٽي جا ڪم

Functions of the Authority

8. اٿارٽي جي گڏجاڻي

Meeting of the Authority

9. ڪميٽين جي جوڙجڪ

Constitution of Committees

10. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

11. مک پروگرام

Master programs

12. اسڪيمون

Schemes

13. غير منظم آبادي کي روڪڻ

Prevention of haphazard growth

14. عمارت جي تعمير يا ٻيهر تعمير

Erection or re_erection of building

15. اسڪيم لاءِ فنڊ

Funds for scheme

16. ملڪيت جو خريد، ليز يا مٽا سٽا

Purchase lease or exchange of property

17. زمين جي حاصلات

Acquisition of land

18. اٿارٽي جو فنڊ

Fund of the Authority

19. بجيٽ

Budget

20. اڪائونٽس جو حساب ڪتاب رکڻ

Maintenance of Accounts

21. سرڪاري ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي

Supply of water to Government agency

22. سرگرمين جي رپورٽ

Report of Activities

23. لوڪل ڪائونسل جا اثاثن، وسيلن ۽ اختيار جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي

Transfer of assets and liabilities and power of local council to the Authority

24. رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

25. عدالتي ڪارروائي تي پابندي

Jurisdiction barred

26. ضمانت

Indemnity

27. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

28. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

29. 1993 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XIX جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XIX of 1993

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.V OF 1994

# سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993

# THE SEHWAN DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1993

[20 فيبروري 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي تعلقي سيوهڻ ۽ دادو ضلعي جي ٻين علائقن ۾ ترقي سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون ڪيون وينديون ۽ اهڙي مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ تعلقي سيوهڻ ۽ دادو ضلعي جي ٻين علائقن ۾ ترقي سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون ڪرڻ ۽ اهڙي مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب ـ I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) ان جي تعلقي سيوهڻ ۽ دادو ضلعي جي اهڙن ٻين علائقن جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي وقت بوقت واضح ڪري، انهن تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| 2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين: | وصفون Definitions |
| (a) "اٿارٽي" مطلب هن ايڪٽ جي دفعه 3 تحت قائم ڪيل سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي؛ | |
| (b) "چيئرمين" مطلب اٿارٽي جو چيئرمين؛ | |
| (c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ | |
| (d) "ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛ | |
| (e) "ميمبر" مطلب اٿارٽي جو ميمبر؛ | |
| (f) "بيان ڪيل" مطب هن ايڪٽ تحت قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل. | |

## باب _II

## اٿارٽي جي جوڙجڪ ۽ ان جا ڪم

| | |
|---|---|
| 3. (1) هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ هتي هڪ اٿارٽي هوندي جنهن کي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو. | اٿارٽي ۽ ان جي تشڪيل Authority and its incorporation |
| (2) اٿارٽي باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ٻنهي قسم جي ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهي ۽ ان تي ڪيس تي سگهندو. | |
| (3) اٿارٽي جا هيڊ ڪوارٽرز سيوهڻ ۾ هوندا يا اهڙي جڳهه تي جتي حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪري. | |
| 4. (1) اٿارٽي مشتمل هوندي: | اٿارٽي جي جوڙجڪ |

| | |
|---|---|
| Constitution of Authority | (a) پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو وزير يا ڪو ٻيو جيڪو وڏو وزير نامزد ڪري....... چيئرمين |
| | (b) حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر...... ميمبر |
| | (c) ڊائريڪٽر جنرل....... ميمبر |
| | (d) اهڙا ٻيا غير سرڪاري ميمبر جيڪي ٽن کان وڌيڪ نہ هجن ۽ سرڪاري ميمبر جيئن حڪومت مقرر ڪري. |
| | (2) هڪ غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندو، جيستائين اهو استعيفيٰ نہ ڏئي يا اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي: بشرطيڪ اهو غير سرڪاري ميمبر تيستائين نہ هٽايو ويندو جيستائين کيس ٻڌڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي. |
| | (3) ڪو شخص جيڪو غير سرڪاري ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي جي صورت ۾ مقرر ڪيو ويندو، اهو اهڙي آسامي تي رهيل مدي لاءِ هوندو. |
| ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ان جو ذميداريون<br>Appointment and duties of the Director General | 5. (1) ڊائريڪٽر جنرل حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي مقرر ڪيو ويندو جيئن حڪومت طئي ڪري. |
| | (2) ڊائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهڙيون ذميداريون نڀائيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي اٿارٽي طرفان کيس سونپيا ويندا. |
| | (3) جتي ڪنهن سبب جي ڪري ڊائريڪٽر جنرل پنهنجي آفيس کان غير حاضر آهي يا پنهنجي آفيس جون ذميداريون نڀائي نٿو سگهي، حڪومت ڪنهن بہ سرڪاري ميمبر کي ڊائريڪٽر جنرل جون ذميداريون |

سنڀالڻ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي.

**عملدار ۽ اٿارٽي جو ٻيو اسٽاف**
**Officers and other staff of the Authority**

6. ڪارھنوار جي بهتري لاءِ اٿارٽي اهڙا عملدار، ماهر، ڪنسلٽنٽ ۽ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي جيئن شرطن ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**اٿارٽي جا ڪم**
**Functions of the Authority**

7. حڪومت جي عام ۽ خاص هدايتن موجب اٿارٽي:
   (i) دائره اختيار ۾ ايندڙ سمورن علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي جي ذميوار هوندي؛
   (ii) اسڪيمون جوڙيندي، انهن کي عملدرآمد ڪرائيندي ۽ لاڳو ڪندي؛
   (iii) واٽر سپلاءِ، ڊرينيج، سيوريج ۽ گند ڪچرو ڪڍڻ بابت عوامي ڪمن لاءِ مهيا ڪرڻ، سڌارڻ، هلائڻ ۽ بحال رکڻ؛
   (iv) اهڙا اپاءَ وٺڻ ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛
   (v) اهڙا ٻيا قدم کڻڻ جيڪي حڪومت طرفان ڪيس سونپيا ويا هجن.

**اٿارٽي جي گڏجاڻي**
**Meeting of the Authority**

8. اٿارٽي اهڙي هنڌ ۽ وقت تي ۽ اهڙي طريقي گڏجاڻي ڪندي ۽ طريقيڪار جي اهڙن قاعدن جو مشاهدو ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين طريقو يا طريقيڪار طئي نه ڪيو ويو هجي گڏجاڻيءَ اهڙيءَ ريت ٿيندي جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وئي هجي.

| | |
|---|---|
| .9 اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽيون جوڙي سگهجي ٿي، جهڙوڪ فنانشل ڪميٽي، ٽيڪنيڪل ڪميٽي يا ايڊوائيزري ڪميٽي. | ڪميٽين جي جوڙجڪ Constitution of Committees |
| .10 اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي پنهنجا ڪي ٻه اختيار، ڪم ڪار يا ذميداريون چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا ڪنهن سرڪاري ميمبر ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي. | اختيارن جي منتقلي Delegation of powers |

## باب _III

## مک پروگرام ۽ اسڪيمون

| | |
|---|---|
| .11 اٿارٽي جيترو جلد ٿي سگهي ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ خوبصورتي جو ماسٽر اسڪين جوڙيندي، اهڙن علائقن ۾ جن ۾ ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ خوبصورتي جي ضرورت هجي ۽ اهڙو پروگرام حڪومت ڏانهن منظوري لاءِ اماڻيندي. | مک پروگرام Master programs |
| .12 (1) اٿارٽي مخصوص اسڪيم يا اسڪيمون ان جي دائره اختيار جي علائقي يا حصي ۾ جوڙيندي، اهڙي طرح ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي. (2) اٿارٽي طرفان تيار ڪيل سموريون اسڪيمون منظوري لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻيون وينديون، سواءِ انهن اسڪيمن جي، جن جي پرووينزنل ڪٽيل رقم اهڙي حد کان وڌيڪ نه هجي، جيڪا بيان ڪيل هجي يا جنهن لاءِ حڪومت کان ڪنهن قرض يا گرانٽ وٺڻ جي ضرورت نه هجي. | اسڪيمون Schemes |
| .13 (1) اٿارٽي نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙيون هدايتون | غير منظم آبادي ڪي |

جاري ڪري سگهي ٿي يا اهڙا ڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪي غير منظم آبادي، حددخلين، غير قانوني تعميرات يا ان جي دائره اختيار جي ڪنهن علائقي ۾ آپريشنز لاءِ ضروري هجن.

**روڪڻ**
**Prevention of haphazard growth**

(2) حددخلي وقتي طور موجود لاڳاپيل قانون موجب هٽائي ويندي.

**عمارت جي تعمير يا ٻيهر تعمير**
**Erection or re_erection of building**

14. (1) ڪو شخص ڪا عمارت تعمير يا ٻيهر تعمير نہ ڪندو، ڪنهن موجود عمارت سان اضافي سامان نٿو جوڙي سگهي يا ان جي جاري ڪنهن حصي جي تعمير يا ٻيهر تعمير نٿو ڪري سگهي جيستائين اٿارٽي کان اجازت نہ وٺي، جيڪا اهڙي طريقي ۾ اهڙين شرطن تي ڏني ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جتي ڪو شخص ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري، اٿارٽي اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي جيڪي انهن گنجائشن جي لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

**اسڪيم لاءِ فنڊ**
**Funds for scheme**

15. (1) اٿارٽي حڪومت کان اڳواٽ اجازت سان اسڪيمن ۾ ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ اهڙا ريٽ، فيس ۾ ٻيون چارجز لڳائي وقت بوقت فنڊ گڏ ڪري سگهي ٿي.

(2) ريٽ، فيس ۾ ٻيون چارجز اهڙي طريقي لڳايا ۾ جمع ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _ IV
## ملڪيت جي حاصلات

**ملڪيت جو خريد،**

16. اٿارٽي ٻي ڪا متحرڪ يا غير متحرڪ

ليز يا مٽا سٽا
Purchase lease or exchange of property

ملڪيت يا دلچسپي لاڳاپيل پارٽي سان معاهدي ۾ داخل ٿي خريد ڪري، ليز تي وٺي يا مٽا سٽا ڪري سگهي ٿي.

زمين جي حاصلات
Acquisition of land

17. جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي ته ڪنهن اسڪيم يا ٻئي عوامي مقصد لاءِ گهربل زمين دفعه 16 تحت حاصل نٿي ڪري سگهجي، اهڙي زمين حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 موجب حاصل ڪئي ويندي.

## باب ـ V

## ماليات

اٿارٽي جو فنڊ
Fund of the Authority

18. (1) هتي هڪ ڌار فنڊ هوندو، جنهن کي سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو اٿارٽي جي ملڪيت جمع ٿيندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت يا لوڪل ڪائونسلز طرفان گرانٽس؛

(b) متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيتن جي فروخت

(c) هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل سموريون فيس، رسيدون ۽ چارجز؛

(d) اوڳاڙي لائق ٻيون سموريون رقمون ۽ اٿارٽي طرفان کنيل قرض؛

بجيٽ
Budget

19. سجي مالي سال جي حاصلات ۽ خرچن جي ڪاٿي جو اسٽيٽمينٽ تيار ڪيو ويندو ۽ منظوري لاءِ حڪومت کي اماڻيو ويندو، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**اڪائونٽس جو حساب ڪتاب رکڻ**
**Maintenance of Accounts**

20. (1) اٿارٽي جا اڪائونٽس اهڙي ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اڪائونٽس هن ايڪٽ جي ذيلي دفعه (1) تحت رکيا ويندا ۽ اڪائونٽنٽ جنرل طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

## باب _VI
## واٽر سپلاءِ

**سرڪاري ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي**
**Supply of water to Government agency**

21. اٿارٽي پيئڻ لائق پاڻي جي فراهمي ۽ ورهاست جي ذميوار هوندي، اهڙي ريت تي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

## باب _VII
## متفرقات

**چرپر جي رپورٽ**
**Report of Activities**

22. اٿارٽي هر مالي سال جي ختم ٿيڻ تي ان سال جي ڪارڪردگي بابت رپورٽ تيار ڪندي ۽ اهڙي رپورٽ حڪومت کي اماڻيندي.

**لوڪل ڪائونسل جا اثاثن، وسيلن ۽ اختيار جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي**
**Transfer of assets and liabilities and power of local council to the Authority**

23. هن ايڪٽ جي عمل ۾ اچڻ سان لوڪل ڪائونسل، لوڪل اٿارٽي يا باڊي جا اسڪيم جوڙڻ ۽ ان تي عمل جي سلسلي ۾ سمورا اختيار ۽ ٻيا ڪم يا ان جي دائره اختيار ۾ ايندڙ علائقي ۾ واٽر سپلاءِ، سيوريج ۽ ڊرينيج جي فراهمي، هلائڻ ۽ سار سنڀال جي سلسلي ۾، اٿارٽي طرفان ڪيا ويندا.

| | |
|---|---|
| 24. اٿارٽي طرف ڪا واجب الادا رقم يا اٿارٽي طرفان غلط طريقي ادا ڪيل هن ايڪٽ تحت ليند روينيو جي رهتن طور واپسي لائق هوندي. | رهتن جي اوڳاڙي Recovery of dues |
| 25. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا طئي ڪيل ڪنهن ڪم تي ڪا ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ يا ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار نہ هوندو. | عدالتي ڪارروائي تي پابندي Jurisdiction barred |
| 26. ڪا بہ ڪارروائي حڪومت، اٿارٽي يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا طئي ڪيل ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ نہ ڪئي ويندي. | ضمانت Indemnity |
| 27. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules |
| 28. (1) هن ايڪٽ ۽ قاعدن جي گنجائشن موجب، اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.<br>(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تڪرار ڪانسواءِ، اهڙا ضابطا فراهم ڪندا:<br>(i) گڏجاڻيون ۽ اهڙين گڏجاڻين جو ڪنڊڪٽ آف بزنس؛<br>(ii) اٿارٽي جي عملدارن ۽ اسٽاف جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا. | ضابطا جوڙڻ جو اختيار Power to make regulations |
| 29. سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي آرڊيننس، 1993 کي | 1993 جي سنڌ |

آرڊيننس نمبر XIX جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XIX of 1993

منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**